# سنڌ آرڊيننس نمبر XLVIII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XLVIII OF 1984

# سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول II جي ترميم

Amendment of Schedule II to Sindh Ordinance XII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول III جي ترميم

Amendment of Schedule III to Sindh Ordinance XII of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر XLVIII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XLVIII OF 1984

## سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1984

## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[20 نومبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته شرعي عدالت سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾ ڪجهه ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ٻي

ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

شروعات

Short title and commencement

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول II جي ترميم

Amendment of Schedule II to Sindh Ordinance XII of 1979

2. سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڇاڙايل آرڊيننس چيو ويندو، ان جي شيڊول II ۾ عنوان "آپشنل فنڪشنس" هيٺان:

(a) پيراگراف 32 ۾، شق (c) ۾، آخر ۾ اينڊڙفل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(d) مسجدن لاءِ زمين جي نشاندهي، جتي ضروري هجي."؛

(b) پيراگراف 36 جي ذيلي پيراگراف (3) ۾، آخر ۾ اينڊڙفل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ هن پيراگراف تحت ڪو بہ قدم نہ کنيو ويندو جيستائين متاثر شخص کي ٻڌڻ جو موقعو نہ فراهم ڪيو وڃي.".

(c) پيراگراف 61 ۾، شق (d) کانپوءِ، هيٺين نئين ذيلي شق شامل ڪئي ويندي:

"(dd) مذهبي تعليم جي فراهمي ۽ ترقي."؛

(d) پيراگراف 69 ۾، شق (d) ۾، آخر ۾ اينڊڙفل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ

هينئين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"مسجدن جي تعمير ۽ مرمت ڪرائڻ."۔

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول III جي ترميم

Amendment of Schedule III to Sindh Ordinance XII of 1979

3. چاڙايل آرڊيننس جي شيڊول III ۾، عنوان "آپشنل فنڪشنس" هيٺان:

(a) پيراگراف 8 کانپوءِ، هيٺيون نئون پيراگراف شامل ڪيو ويندو:

"8_A. مذهبي تعليم جي فراهمي ۽ ترقي."؛

(b) پيراگراف 70 کانپوءِ، هيٺيون نئون پيراگراف شامل ڪيو ويندو:

"71. مسجدن جي تعمير ۽ مرمت."۔

**نوٽ:_ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**